الجزء ١١

يَعۡتَذِرُوۡنَ اِلَيۡكُمۡ اِذَا رَجَعۡتُمۡ اِلَيۡهِمۡ ؕ قُلۡ لَّا تَعۡتَذِرُوۡا لَنۡ نُّؤۡمِنَ
لَكُمۡ قَدۡ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنۡ اَخۡبَارِكُمۡ ؕ وَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمۡ وَرَسُوۡلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوۡنَ
اِلٰى عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحۡلِفُوۡنَ بِاللّٰهِ
لَكُمۡ اِذَا انۡقَلَبۡتُمۡ اِلَيۡهِمۡ لِتُعۡرِضُوۡا عَنۡهُمۡ ؕ فَاَعۡرِضُوۡا عَنۡهُمۡ ؕ اِنَّهُمۡ رِجۡسٌ ۫
وَّمَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٩٥﴾ يَحۡلِفُوۡنَ لَكُمۡ لِتَرۡضَوۡا
عَنۡهُمۡ ۚ فَاِنۡ تَرۡضَوۡا عَنۡهُمۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَرۡضٰى عَنِ الۡقَوۡمِ الۡفٰسِقِيۡنَ ﴿٩٦﴾

(اي مسلمانو!) جڏهن اوهان تبوڪ جي سفر تان هنن ڏانهن واپس ٿيندو ته (منافق) توهان آڏو معذرت پيش ڪندا (اي حبيب ﷺ!) تون هنن کي چئو ته بهانا بنائڻ ڇڏي ڏيو، اسان اوهان جي ڳالهه تي هرگز يقين نه ڪنداسون. اسان کي الله توهان جي پوري روئداد جي خبر ڏني آهي. اڳتي الله ۽ ان جو رسول ﷺ اوهان جي ڪارگذاري جلد ڏسندو. پوءِ توهان ان جي حضور ۾ پيش ڪيا ويندا، جيڪو غيب ۽ ظاهر جو علم رکي ٿو ۽ اهو اوهان کي سڀ ٻڌائيندو، جيڪو ڪجهه اوهان ڪيو ٿا.(94) جڏهن توهان انهن ڏانهن موٽي ايندو ته اوهان اڳيان قسم کڻندا ته توهان هنن جي ڪوتاهي کي درگذر ڪريو. اوهان انهن ڏانهن ڪو توجه نه ڪريو. بيشڪ هو پليد آهن ۽ هنن جو مسڪن جهنم آهي، اهو سندن ڪمائي جو اجورو آهي.(95) هو توهان جي آڏو قسم کڻندا ته توهان هنن سان پرچي پئو، جيڪڏهن اوهان هنن سان پرچي به وڃو، پر الله راضي نه ٿيندو ڇو ته بدعهد فاسق ماڻهن سان الله هرگز راضي ٿيڻ وارو ناهي.(96)

پوين آيتن ۾ جنگ کان اڳ وارن منافقن جو ذڪر آهي، جيڪي جنگ تي وڃڻ کان لنوائيندا رهندا هيا. هاڻي جنگ کان واپس اچڻ بعد جي منافقن جو حال بيان آهي.

مسلمانن کي آگاهہ ڪيو ٿو وڃي تہ اوهان جڏهن تبوڪ جي سفر کان موٽي ايندؤ تہ هي منافق پنهنجي خجلت مٽائڻ خاطر ۽ اوهان جي حسنِ ظن حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي نہ هلڻ جا عذر ۽ بهانا پيش ڪندا تہ جيئن اوهان جي دل ۾ جاءِ حاصل ڪري سگهن. پر اي حبيب ڪريم ﷺ! تون پنهنجي زبان سان سڀ مسلمانن جي زبان بڻجي منافقن کي صاف صاف چئو تہ هاڻي اسان توهان جي ڪنهن ڳالهہ تي يقين نہ ڪنداسون ڇو تہ الله اسان کي اوهان جي حالتن، ڳجهن رازن ۽ شرارتي سازشن کان آگاهہ ڪيو آهي، هر شيءِ کان باخبر هوندي اوهان جي ڪوڙن بهانن تي ڪهڙي ريت اعتبار ڪري سگهون ٿا. هن کان اڳ حضور ﷺ خلق عظيم، نرم دلي ۽ معتدل مزاج سبب منافقن جي عذر ۽ بهانن تي چشم پوشي ڪرڻ فرمائيندا هئا، پر هاڻي ڪين چيو وڃي ٿو تہ منافقن سان نرم رويو ڇڏي، ڪين برملا ٻڌائي ڇڏجي تہ اسان توهان جي حيثيت کان آگاهہ آهيون ۽ توهان کان ڪنهن چڱائي جي اميد نٿا رکون، بهرڪيف اڳتي الله ۽ ان جو رسول ﷺ اوهان جي ڪارگذاري ڏسندو ۽ توهان کي ان مطابق بدلو ملندو، جلد اوهان کي الله جي حضور ۾ هڪ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويندو، جيڪو اوهان جو چٽو کولي توهان جي ڪارنامن کان آگاهہ ڪندو. ياد رهي تہ "يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ" ۾ مسلمانن کي خطاب آهي ۽ "قُلْ" ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ کي خطاب آهي. پيغمبر جي زبان تمام مسلمانن جي ترجمان آهي پيغمبر ۽ امت ۾ اعتماد، حسن ظن ۽ يقين جي مڪمل هم آهنگي آهي، گويا حضور ﷺ جو اعلان سيني مسلمانن جو اجتماعي اعلان آهي. جڏهن اوهان خير سان مديني منوره موٽي ايندؤ تہ منافق بنا دير اوهان وٽ پهچي ويندا ۽ الله پاڪ جا وڏا وڏا قسم کڻي اوهان کي چوندا تہ اسان جي جنگ تي نہ هلڻ واري ڪوتاهي کي درگذر ڪيو، اسان جا اجازت گهرڻ وارا عرض معقول هئا، پر ان هوندي بہ جيڪڏهن اوهان کي رنج پهتو آهي تہ اسان جي ڪوتاهي کي درگذر ڪيو. توهان هنن ڏانهن ڪو توجہ نہ ڪريو. دراصل منافق جنگ تبوڪ کان پوءِ مسلمانن جي ڏاڪ ۽ هيبت کان گهڻو مرعوب هيا، جو هنن روم جي وڏي طاقت کي چئلينج ڪيو ۽ ڪين پنتي هٽڻ ۽ جنگ نہ ڪرڻ تي آماده ڪيو، ان ڪري هو مسلمانن سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ حجت ڪري رهيا هئا ۽ درخواست ڪري رهيا هئا تہ جو ڪجهہ ٿي گذريو، ان کي در گذر ڪريو. مسلمانؤ! هاڻي اوهان هن کان منهن ڦيري ڇڏيو (قطع تعلقات ڪيو) پهرين اعراض ۾

درگذر ڪرڻ آهي ۽ ٻئي ۾ قطع تعلقات ڪرڻ آهي. هي اندر جا رجس (پليد) آهن. (التوبه: 125-28/) هنن جو مَسڪن جهنم آهي، جيڪو هنن جي ڪارگذاريءَ جو بدلو آهي.

مسلمانن ڪي اعتماد ۾ وٺڻ دراصل منافقن جي سياسي، سماجي ۽ معاشرتي ضرورت هئي. مسلمانن جي روزبروز وڌندڙ قوت کان هو خوفزده هئا ته مبادا معاشري ۾ ڪٽجي اڪيلا نه رهجي وڃن، ان ڪري مسلمانن سان ملاقاتن ۽ گفتگو جاري رکڻ جا خواهان هئا. مسلمانن آڏو وڏا وڏا قسم کڻي ڪين بار بار باور ڪرائي رهيا هئا ته اوهان ساڻن راضي ٿيو. بالفرض اوهان هنن جي منت ميڙ، زاري نيزاري سبب راضي ٿي به وڃو، پر الله انهن نامراد منافقن سان راضي ٿيڻ وارو نه آهي. هو الله تعالیٰ جا دشمن آهن، اوهان جا دوست ۽ رشتيدار ٿي نٿا سگهن. (التوبه: 23-24/9) هنن جي ٻيائي، فريب ۽ ڏوڪي بازي جو انجام دردناڪ عذاب آهي جو سنت الاهي مطابق هنن تي ضرور ايندو.

ٱلْأَعْرَابُ أَشَدُّ كُفْرًا وَّنِفَاقًا وَّأَجْدَرُ أَلَّا يَعْلَمُوا حُدُودَ مَآ أَنزَلَ ٱللَّهُ عَلَىٰ
رَسُولِهِۦ ۗ وَٱللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿٩٧﴾ وَمِنَ ٱلْأَعْرَابِ مَن يَتَّخِذُ مَا يُنفِقُ
مَغْرَمًا وَّيَتَرَبَّصُ بِكُمُ ٱلدَّوَآئِرَ ۚ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ ٱلسَّوْءِ ۗ وَٱللَّهُ سَمِيعٌ
عَلِيمٌ ﴿٩٨﴾ وَمِنَ ٱلْأَعْرَابِ مَن يُؤْمِنُ بِٱللَّهِ وَٱلْيَوْمِ ٱلْآخِرِ وَيَتَّخِذُ مَا يُنفِقُ
قُرُبَٰتٍ عِندَ ٱللَّهِ وَصَلَوَٰتِ ٱلرَّسُولِ ۚ أَلَآ إِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ۚ سَيُدْخِلُهُمُ ٱللَّهُ
فِى رَحْمَتِهِۦٓ ۗ إِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٩٩﴾ ع ١٢

هي بدوي عرب ڪفر ۽ نفاق ۾ زياده سخت آهن ۽ انهيءَ گمان جا مستحق ۽ لائق آهن ته الله جو ڪجهه پنهنجي رسول ﷺ تي نازل ڪرڻ فرمايو آهي، هي ان جي حدن (حڪمن) کي سمجهڻ کان بي خبر هجن الله سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ هو وڏي حڪمت وارو آهي.(97) هنن بدوين ۾ اهي به آهن، جيڪي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ کي تاوان سمجهن ٿا ۽ توهان لاءِ زماني جي گردشن (چڪرن)

جا منتظر آهن. بري گردش (چڪر) انهن تي ئي آهي، الله سڀ ڪجھہ ٻڌندڙ ۽
سڀ ڪجھہ ڄاڻندڙ آهي. (98) ۽ انهن بدوين ۾ اهي ماڻهو بہ آهن، جيڪي الله
تي ۽ يوم آخرت تي سچو ايمان رکن ٿا ۽ جو ڪجھہ خرچ ڪن ٿا، ان کي الله
جي حضور تقرب ۽ رسول ﷺ جي دعائن وٺڻ جو ذريعو سمجھن ٿا. خبردار
(اهي ٻئي شيون يعني الله جي رضا ۽ حضور ﷺ جي دعا) هنن لاءِ قربت(تقرب)
جو ذريعو آهي. الله انهن کي ضرور پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪندو. بيشڪ الله
غفور ۽ رحيم آهي.(99)

هنن آيتن جي اول ۾ بدوي منافقن جو ذڪر آهي، جيڪي جنگ ۾ شرڪت کان بعد لنوائين ٿا ۽ پنهنجو مال بہ جنگ ۾ ڏيڻ کي تاوان سمجهن ٿا. انهن بدوي ماڻهن جو ٻيو اهڙو گروهہ آهي، جيڪي الله تي ايمان آڻين ٿا ۽ مال خرچ ڪرڻ کي الله تعالىٰ جي قربت ۽ حضور خاتم النبيين ﷺ جي رحمت ۽ دعا سمجهن ٿا. هي بدوي عرب ڪفر ۽ نفاق ۾ سخت گير آهن. هنن خاص مصلحت جي ڪري ايمان اختيار ڪيو هو. هنن جي خواهش هئي تہ کين اهي فائدا ۽ سهولتون ميسر ٿين، جيڪي برسر اقتدار جماعت جي رڪنيت ۽ قربت حاصل ڪرڻ سان ممڪن هيون. ان ڪري هنن ظاهري طرح مسلمان هجڻ جو لبادو پائي ورتو هو. پر پنهنجو ڪاروبار تجارت ۽ واپار پنهنجي پراڻي طريقي تي رهڻ جا خواهان هئا. ڪنهن سرڪاري ٽيڪس يا وصوليءَ کان آزاد هئا، عبادتن جا بہ دل سان قائل نہ هئا. هڪ ڇڙواڳ شتر بي مهار زندگي گذاري رهيا هئا. مصلحتًا ڪن اسلام قبول ڪري اسلامي رياست جا ان وقت افراد ٿيا، جڏهن اسلامي قانون لاڳو پئي ٿيا، جنهن جي ڪري هنن کي نظم و ضبط ۾ قانون مطابق رهڻ، وڻج واپار، باغات ۽ آمدني جي مختلف ذريعن تي زڪوات ۽ ٽيڪس ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو پئي ويو، پابنديءَ سان نماز جي ادائگي ضروري قرار ڏني وئي. لٽ مار، ڌوڪادهي کان روڪيو. هنن بدوي ماڻهن لاءِ اهي بندشون ضابطا ۽ قانون قابل قبول نہ هئا، ان ڪري اسلام ۽ اهل ايمان خلاف ڪفر ۽ نفاق ۾ سخت کان سخت تر ٿيندا ويا. ٻهراڙين ۽ ديهات ۾ رهڻ سبب الله پاران پنهنجي رسول خاتم النبيين ﷺ تي نازل ڪيل حڪمن ۽ حدن جي نہ سمجهڻ ۾ اڳرا هئا، ان ڪري انهن جي

مخالفت ۾ سخت رويا رکندا هئا. الله هنن جي پوشيده ۽ ظاهري سازشن ۽ تدبيرن کان پوري ڄاڻ رکندڙ ۽ حڪمت سان هر ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ وارو آهي. بدوي عرب ڇڙواڳ ۽ بي ضابطا زندگي گذارڻ جا عادي هئا. اجتماعي باضابطا زندگيءَ گذارڻ کان ناواقف هئا. اسلامي رياست جي قيام سان حڪومتي نظام هلائڻ ۽ معاشري جي غريب، مسڪين، يتيم، بي واهه ۽ بي ڪس ماڻهن جي فلاح ۽ بهبودي جا انتظام ڪرڻ لاءِ جڏهن زڪوات ۽ انفاق في سبيل الله جو پروگرام آيو ته اهي منافق انهن ۾ حصو ونڻ ۽ مال خرچ ڪرڻ کي تاوان سمجهڻ لڳا ۽ مسلمانن لاءِ زماني جي گردش ۽ وقت جي تبديليءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا ته گردش دوران مسلمانن تي مصيبت نازل ڪري ڪين گذريل دور وارا رسم و رواج ڏياري، پر گردش دوران جي مصيبت ته هنن تي پوندي، جو هي ان جا حقدار آهن. الله سڀ ڪجهه ٻڌڻ وارو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي.

هنن بدوي عربن ۾ اهڙا به سمجهدار ۽ دينار ماڻهو موجود آهن، جيڪي الله ۽ يوم آخرت تي پڪو پختو ايمان رکن ٿا. هو پنهنجو مال متاع دين اسلام جي استقامت لاءِ خرچ ڪرڻ ۽ مستحق مسلمانن جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجو مال موڙي پيش ڪرڻ کي الله جي قربت ۽ رضا حاصل ڪرڻ جو ذريعو ۽ الله جي رسول خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم جي دعائن جو وسيلو سمجهن ٿا. غور ڪريو ته اهي ٻئي شيون هنن جي قربت جون ضامن آهن. الله ڪين پنهنجي رحمت بي ڪران سان نوازيندو. بيشڪ الله بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحمت ڪرڻ وارو آهي.

وَ السّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَ الْاَنْصَارِ وَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ
بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ وَ اَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٠٠﴾ وَ مِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ
الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ؕۛ وَ مِنْ اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ ۛؔ مَرَدُوْا عَلَى النِّفَاقِ ۫ لَا
تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ ؕ سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠١﴾ۚ

وقف منزل ع

وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۰۲﴾

۽ مهاجرن ۽ انصار مان جيڪي ماڻهو سڀ کان سبقت ڪرڻ وارا ۽ ايمان آڻڻ وارا آهن ۽ اهي ماڻهو جن هنن جي سچائيءَ سان پيروي ڪئي ته الله انهن کان راضي ۽ خوش آهي ۽ هو به الله کان خوش ۽ خوشنود آهن. انهن لاءِ هن (الله) جنتون تيار ڪرڻ فرمايون آهن، جن جي دامن ۾ نهرون وهن ٿيون. اهي (نيڪ بخت انسان) ان ۾ هميشه هميشه رهڻ وارا آهن. اها زبردست ڪاميابي آهي. (100) ۽ (اي مسلمانؤ!) توهان جي آس پاس بدوي عرب ۽ اهل مدينه مان به ڪجهه ماڻهو منافق آهن، اهي ماڻهو نفاق تي اڙيل آهن. تون اجان هنن کي نٿو سڃاڻين. اسان هنن کي چڱي طرح سڃاڻون ٿا. عنقريب اسان هنن کي به ٻيرا (دنيا ۾) عذاب ڏينداسون ۽ پوءِ وري (قيامت ۾) هڪ وڏي عذاب ڏانهن پيڙي ڪيا ويندا. (101) ۽ ٻيا اهي ماڻهو جن پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪيو، هنن ڪجهه چڱا ڪم ۽ برا ڪم ملائي ڪيا آهن. اميد آهي ته الله انهن تي عنايت ڪرڻ فرمائي. بيشڪ الله غفور رحيم آهي.(102)

هجرت ڪري اچڻ وارن ۽ انهن جي مدد ڪرڻ وارن (مهاجرن ۽ انصار) مان امتيازي درجا حاصل ڪرڻ وارا "اَلسَّابِقُوْنَ الاَوَّلُوْنَ" آهن، جن نيڪو ڪار شخصيتن سڀ کان اول حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صلى الله عليه وسلم جي دعوت تي لبيڪ چئي ان وقت اسلام کي اکين ۽ دل سان لڳايو، جڏهن انهن لاءِ هڪ قدم کڻڻ به سخت مزاحمت ۽ مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻ بغير ممڪن نه هيو ۽ جيڪي اشخاص (انصار) هنن جي حمايت ۽ امداد ۾ مدافعت لاءِ دنيا ڀر جي مخالفت ۽ عداوت جو خطرو محسوس ڪندي، سندن همدرد ۽ ساٿي ٿيا ۽ ٻيا اهي ڀلارا ماڻهو جن پوري اخلاص ۽ سچائي سان سابقين اولين جي نقش قدم تي پوريءَ طرح هلي ۽ هر طرح جي ريا، مصلحت، خود نمائي يا خود غرضيءَ کان پنهنجو دامن پاڪ صاف

رکي، احسان جو اعلیٰ مقام ماڻيو تہ انهن جي شان ۽ ايمان جي نشاندهي لاءِ چيو ويو تہ الله هنن کان راضي آهي ۽ هو الله کان راضي آهن، الله جي راضي هجڻ جو اعلیٰ مقام ۽ انعام سندن حق جي راهہ ۾ عزم واستقلال، صبر ۽ ثابت قدمي، جان نثاري، سرفروشي ۽ الله ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ سان وعده وفائي جو بدلو (صلو) ۽ مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪرڻ سان "رضي الله عنه" جو تاج سر تي ڏڪيو. هنن جي پرخلوص ڪوشش سان الله جو نظام قائم ٿيو. الله تعالیٰ بہ هنن جو هر وقت نگهبان ۽ مددگار رهيو. دشمنن جي مقابلي ۾ ڪين شاندار فتح ۽ ڪاميابي سان همڪنار ڪيو. شروع ۾ گهٽ تعداد ۽ بي سروسامان لشڪر کي مخالفن جي وڏي هٿياربند لشڪر تي سوپ ڏني ۽ هميشہ پنهنجي رحمت جي پاڇي ۾ رکي، پناهہ عطا ڪئي. ان ڪري شڪرگذار ٻانهن پنهنجي خدا جي هر حڪم تي راضي رهيا.

پريان سندي پار جي، مڙيوئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چت ڪري
(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

خدا رحمت کند ایں عاشقانِ پاک طینت را

سبحان الله و بحمده سبحان الله العظيم.

هي تہ هيو مهاجرن، انصار ۽ تابعين باحسان جو شان ۽ مانُ، هاڻ اچي انهن بدوي ۽ شهري منافقن جو بيان، جن مان ڪجهہ ڪفر جي روش تي بضد اڙيا رهيا. الله جي آيتن ۽ حضور ﷺ جي نصيحت ۽ وعظن ۽ مسلمانن جي پرخلوص ڪوشش تي هنن کو ڌيان نہ ڌريو. مخالفت ۾ هر طرح جا حربا هلايا ۽ سڌي راهہ تي اچڻ بدران پنهنجي جاهليت وارين ريتن رسمن ۽ عقيدن تي شدت سان اڙيا رهيا. اي پيارا حبيب ﷺ! تون هنن جي اهليت، حقيقت ۽ حيثيت کان اڃان پوري طرح آگاهہ نہ آهين. (جلد توکي هنن جي سياهہ و سفيد کان آگاهہ ڪيو ويندو) تنهنجو الله هنن منافقن جي هر حال ۽ هر چال کان بخوبي واقف آهي، هنن نافرمان ۽ نادان منافق ماڻهن کي هن دنيا ۾ جلد ٻن عذابن جو مزو چکڻو آهي ۽ هنن لاءِ قيامت ۾ بہ سخت ترين عذاب جي نويد آهي. ( هڪ تہ دنيا وي مال متاع عيش و عشرت ۾ مبتلا ۽ مدهوش آهن. ايمان ۽ اخلاص بجاءِ منافقت ۽ غداريءَ جا

مرتڪب آهن، انهن جو اهو مال ۽ جاهہ و جلال سڀ خاڪ ۾ ملي ويندو ۽ ٻيو هي هوندو تہ اسلامي تحريڪ ڪامياب ٿيندي ۽ هي محڪوم ۽ مجبور هوندا، پر انهيءَ ساڳي جوءِ ساڳي شهر ۾ ٻيا اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي پنهنجي غلطين ۽ گناهن تي بلڪل بضد ۽ اڙيل نہ آهن. هو پنهنجي انهن ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جو برملا اعتراف ڪن ٿا ۽ انهن کان باز اچڻ جو عزم ۽ ارادو بہ رکن ٿا ۽ عمل صالح بہ ڪندا رهن ٿا، پر ان سان گڏ هنن کان پل چڪ ۾ برائي بہ سرزد ٿي وڃي ٿي. يعني هو نيڪين ۽ برائين جي درميان گهيريل آهن. هنن جي نيڪ خواهشن ۽ معتدل حالتن تي رحم فرمائي، الله ڪين معاف ڪري ڇڏيندو. الله تعاليٰ جي ذات گرامي انتهائي بخشش ۽ دائمي رحمت ڪرڻ واري آهي. ياد رهي تہ اهي ماڻهو منافق نہ هئا، پر پنهنجن ڪمزورين سبب جنگ تبوڪ ۾ بہ نہ وڃي سگهيا، پر جلد ندامت محسوس ڪري صدق دل سان پنهنجي غلطين جو اعتراف ڪيو ۽ توبه تائب ٿيا. ڪجهہ تہ پاڻ کي مسجد جي ٿنڀن سان ٻڌي ڇڏيو تہ جيستائين ڪين الله ۽ رسول ﷺ معاف نہ ڪن، تہ هو انهيءَ سزا ۾ هميشہ رهندا. سندن ندامت، توبه ۽ استغفار کي قبول ڪندي، ڪين بشارت ڏني وئي تہ الله سندن توبه قبول فرمائي آهي ۽ معافي ڏني آهي. بيشڪ الله بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحمت ڪرڻ وارو آهي.

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَصَلِّ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ
سَكَنٌ لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٣﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ
عَنْ عِبَادِهٖ وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ وَقُلِ
اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى
عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ
لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

تون هنن جي مال جو صدقو قبول ڪر، جنهن سان تون هنن جي مال کي پاڪيزه ڪندين ۽ ان جو تزڪيو ڪندين ۽ هنن جي حق ۾ دعا ڪرڻ فرمايو. بيشڪ

تنهنجي دعا هنن لاءِ باعث تسڪين هوندي. الله سميع ۽ عليم آهي.(103) ڇا هنن
ڪي معلوم ناهي تہ الله ئي آهي، جيڪو پنهنجي ٻانهن جي توبه قبول ڪرڻ
فرمائي ٿو ۽ هنن جي صدقات کي پذيرائي بخشي ٿو. بيشڪ الله توبه قبول ڪرڻ
وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي.(104) هنن کي چئو تہ عمل ڪريو. الله ان جو رسول
ﷺ ۽ مؤمن توهان جي عمل کي ڏسندا ۽ جلد توهان ان جي حضور پيش ڪيا ويندا،
جيڪو هر غيب ۽ مشاهدي وارين شين جو ڄاڻڻ وارو آهي. پوءِ اهو توهان کي توهان
جي ڪارڪردگي کان آگاهہ ڪندو.(105) اهڙي طرح ڪجهہ ٻيا ماڻهو آهن، جن
جو معاملو الله جي فضل جو منتظر آهي. هو انهن کي سزا ڏئي يا شفقت فرمائي
معاف ڪري. الله سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.(106)

آيت 42 کان 101 تائين منافقن جي مختلف حالتن ۽ واقعن جو ذڪر هيو، جنهن ۾ هنن جي جنگ تبوڪ ۾ شرڪت نہ ڪرڻ ۽ غلط بهانا بنائي قاعدين (پوئتي رهندڙن) ۾ رهڻ جو بيان هيو ۽ هو پنهنجي غلطيءَ کي پنهنجي ڪاميابي قرار ڏيندا رهيا ۽ غلطيءَ کي غلطي تسليم ڪري، ندامت ڪرڻ ۽ توبه ڪري معافي وٺڻ کان انڪاري رهيا، جنهن لاءِ کين دوزخ ۽ دردناڪ عذاب جي بشارت ملي.

انهن منافقن کان سواءِ ڪجهہ مسلمان بہ سستي ۽ ڪاهليءَ ڪري رهجي ويا هيا، جن جو تعداد ست هيو، انهن ۾ مشهور صحابي حضرت ابولبابه رضي الله تعالیٰ عنه بہ هيو، جيڪو هجرت کان اڳ مسلمان ٿيو هيو، هن هجرت ڪئي ۽ جنگ بدر ۾ بہ شريڪ ٿيو هيو. جڏهن کين پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ عدم شرڪت جا وعيد سامهون آيا تہ هنن پاڻ کي مسجد نبوي ﷺ جي ٿنين سان ٻڌي ڇڏيو، آهہ و زاري ڪندا رهيا، توبه ۽ استغفار جو ورد جاري رکيو. سندن ندامت ۽ توبه قبول ٿي. حضرت ابولبابه رضي الله تعالیٰ عنه کي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ آزاد ڪيو. هنن ستن ستونن کي رحمت ۽ بخشش جا ستون چوندا آهن، جيڪي روضة الجنة وٽ آهن. ماڻهو هتي نفل پڙهڻ لاءِ بيتاب هوندا آهن. هنن ستونن (ٿنين) تي انهن بزرگن جا نالا بہ نقش ٿيل آهن. بعد ۾ هنن جا مال، خيرات ۽ صدقات بہ قبول ڪيا ويا ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ سندن بخشش لاءِ دعا گهري. هي اهي مؤمن مسلمان آهن، جن کي توبه

قبول ٿيڻ جي بشارت ملي، جنهن جي شڪراني ادا ڪرڻ لاءِ حضور ﷺ جي خدمت عاليه ۾ حاضر ٿي، الله جي راهه ۾ پنهنجو مال پيش ڪيو. جيئن ته هي ماڻهو مخلص مؤمن هئا، پر سستيءَ سبب ڪوتاهي ڪري ويٺا. ان ڪري هنن جي خلوص نيت ۽ دلي خواهش ڪي مانُ ڏيندي الله پنهنجي نهايت ڪمال مهرباني سان سندن صدقات قبول ڪرڻ جي اجازت عنايت ڪئي. جڏهن ته منافقن جا صدقات قبول ڪرڻ کان منع ڪئي هئي، پر انهن جي برعڪس هنن مؤمنن تي رحمت ۽ برڪت جا سڀ دروازا کولي ڇڏيا. معلوم ٿيو ته توبه ۽ تطهير لاءِ سڀ کان زياده زوردار ۽ زياده مؤثر شيءِ الله جي راهه ۾ انفاق صدقات آهي. "تطهير" سان ظاهري ۽ باطني نجاست کان پاڪيزگي ملي ٿي ۽ تزڪيه سان ناپاڪيءَ کان پاڪ ٿيڻ سان مزيد صلاحيتن ۽ خوبين جي نشونما ۽ اخلاق جي فضليتن سان انسان آراسته ٿئي ٿو. ان ڪري الله طرفان حضور ﷺ کي ارشاد ٿيو ته هنن جا صدقات قبول ڪرڻ فرمايو ۽ کين تطهير ۽ تزڪيي ۽ دعائن سان نوازيو. بيشڪ تنهنجي دعا هنن کي دلي سڪون ۽ راحت ڏيندي. الله پنهنجن ٻانهن جي دعا قبوليت سان ٻڌندڙ به آهي ته سندن خلوص ۽ وفا شعاري کان آگاهه به آهي.

هن کان اڳ "السابقون الاولون"، سندن تابعين ۽ پنهنجي ڪمزوري ۽ ڪوتاهي جي اقرار ڪندڙ ستن مؤمنن جي بيان بعد هاڻي انهن مؤمنن جو بيان اچي رهيو آهي، جن جو ذڪر اڳتي آيت 118 ۾ اچي ٿو، جن جي توبه جو معاملو الله اجان التوا ۾ رکيو هو، اهي اصحاب به جنگ تبوڪ ۾ سستي ۽ ڪاهلي سبب شريڪ ٿي نه سگهيا هئا. پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڪندي توبه طرف مائل هئا، پر هي ٽي اصحاب سڳورا ٻي جماعت کان الڳ رهيا. هنن سچي دل سان اعتراف ڪري، پنهنجي غلطيءَ تي شرمساري ۽ ندامت جو اظهار ڪيو هيو ۽ سندن توبه قبول ڪئي وئي هئي. اهي ٽي شخص حضرت ڪعب بن مالڪ، حضرت هلال بن اميه ۽ حضرت مراره بن ربيع رضي الله عنهم هئا ۽ پنجاهه ڏينهن تائين سندن معاملو التوا ۾ رهڻ بعد معافي ملي. انهيءَ پوري عرصي دوران هنن سان اصحابن سڳورن کي قطع تعلق ڪرڻ جو حڪم مليو. ايتري قدر جو سندن گهروارا به هنن کان بيزار ٿي ويا. هنن کي منافق نه، پر هڪ محض گنهگار مؤمن مڃيو ويندو ۽ هنن جي پرک هن ٽن معيارن کي نظر ۾ رکي ڪئي ويندي. (1) هنن پنهنجي قصور کي قبول ڪيو ۽ ان لاءِ

بي جا عذر تاويلون ۽ تشريحون پيش نہ ڪيون ۽ صاف صاف پنهنجي غلطي محسوس ڪئي. (2) هنن جي ماضي جي اعمال ڪي جاچيو ويندو تہ هي عادي ڏوهاري تہ نہ هيا. جيڪڏهن هن ڪان اڳ هو جماعت جا صالح ۽ نيڪ انسان رهيا آهن. ايثار قرباني مخلصانہ خدمت، دينداري ۽ پرهيزگاري موجود آهي تہ معاف ڪيو ويندو ۽ صرف هڪ لغزش جي سرزد ٿيڻ سان هنن جي ايمان ۽ اخلاص جي نفي نہ ڪبي، پر هڪ وقتي ڪمزوري سمجهي معاف ڪيو ويندو ۽ پرکيو ويندو تہ هنن جو اهو اعتراف محض زباني آهي يا هو حقيقت ۾ نادم آهن. اهي آيتون جن ۾ اصحابن جي نيڪ ۽ بد عملن جي خلط ملط جو ذڪر آهي، جيڪي آيت 102 "وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا" کان آيت 105 "فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" تائين آهن، اهي آيتون حضرت ابولبابہ بن عبدالمنذر ۽ سندس ڇهن ساٿين بابت نازل ٿيون، جن وڏي شرمساري ۽ ندامت جو اظهار ڪندي، مسجد جي ٿنين سان پاڻ ڪي ٻڌي ڇڏيو ۽ معافي ملڻ تائين روئندا رڙندا رهيا. نيٺ الله کين معافي عنايت فرمائي سندن صدقات قبول ڪيا ۽ مغفرت جي دعا ڪئي.

هنن ڪي معلوم ناهي تہ ڇا الله پنهنجن ٻانهن جي توبہ قبول ڪرڻ فرمائيندو آهي ۽ انهن جا صدقات قبول ڪندو آهي. الله غفور رحيم آهي، ان ڪري کين چئو تہ توهان پنهنجي توبہ واري عمل ڪي جاري رکو. الله کي ٻاڏائيندا رهو. رحم، عفو ۽ درگذر لاءِ درخواستون ڏيندا رهو. الله توهان جي عمل ڪي ڏسندو. رسول ڪريم ﷺ ۽ مؤمن بہ نظر رکندا ۽ الله جل شانہ اوهان جون اهي تمام آهون، نيزاريون، عاجزيون، انڪساريون ڄاڻي ٿو، جيڪي سڀ الله وٽ پيش آهن، اهو الله جيڪو غيب ۽ شاهد (ظاهر) جو علم رکي ٿو، اهو ئي اوهان کي اوهان جي عمل جي نتيجن کان آگاهہ ڪندو. باقي آيت نمبر 106 "وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ" کان "وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" تائين ٽن التوا ۾ پيل فيصلن جو ذڪر آهي، جيڪو اڳتي آيت نمبر 118 ۾ اچي ٿو.

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَاۤ اِلَّا الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٧﴾ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ؕ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى

التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ
وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ اَفَمَنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى تَقْوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ
خَيْرٌ اَمْ مَّنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ
وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً فِيْ
ع ۱۳ ۲ قُلُوْبِهِمْ اِلَّاۤ اَنْ تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۱۰﴾ ع

۽ جن منافقن هڪ مسجد تعمير ڪئي تہ جيئن هو اسلام کي نقصان پهچائي سگهن ۽ ڪفر کي تقويت ڏين ۽ اهل ايمان درميان نفرتون پيدا ڪن ۽ هر ان شخص لاءِ مورچو (گهات جي جڳهہ) ناهن، جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان اڳي ئي جنگ ڪري رهيو آهي ۽ هو ضرور قسم کڻندا تہ ڀلائي کان سواءِ اسان جو ڪو ارادو ناهي. الله گواهي ڏئي ٿو تہ يقيناً هو ڪوڙا آهن. (107) تون انهيءَ (مسجد) ۾ ڪڏهن بہ قيام (نماز ادا) نہ ڪجانءِ، (نماز جي ادائگيءَ جو) حقدار اها مسجد آهي، جنهن جو بنياد اول ڏينهن کان تقويٰ تي رکيو ويو آهي. ان ۾ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پاڪيزگي کي پسند ڪن ٿا ۽ الله بہ اهڙن پاڪباز ماڻهن کي پسند ڪندو آهي.(108) ڇا اهو شخص بهتر آهي، جنهن پنهنجي مسجد جو بنياد الله جي تقويٰ ۽ ان جي خوشنودي لاءِ رکيو يا اهو شخص، جنهن پنهنجي عمارت کوکلي پيڪ جنهن جي هيٺان پاڻي زمين کٽي ڇڏي آهي، ان جي ڪرنڊڙ ڪناري تي رکي ۽ جيڪا هنن کي جهنم ۾ ڪيرائي، الله ظالم ماڻهن کي سڌي راهہ تي هلڻ جي توفيق نٿو ڏئي.(109) هي عمارت جيڪا هنن بنائي آهي، هميشہ هنن جي دلين ۾ بي يقيني پيدا ڪندي. جيسين هنن جون دليون (حق شناسيءَ کان) ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن. الله عليم ۽ حڪيم آهي.(110)

گذريل آيتن ۾ انهن مؤمن حضرات جو ذڪر هيو، جن جي جنگِ تبوڪ ۾

سستيءَ سبب شرڪت نہ ٿي سگھي. هن قصور ۽ ڪوتاهيءَ جي باوجود سندن اخلاص ۽ اعتماد ۾ ڪو فرق نہ آيو هيو ۽ اعترافِ خطا ڪري ندامت، معافي ۽ استغفار جو طريقو اختيار ڪيو. هاڻي هن آيت بعد منافقن جي هڪ خباثت واري واقعي جو ذڪر آهي، جيڪو ڏسڻ ۾ سنو لڳي ٿو. منافقن جي وڏي شرير ٽولي مسلمانن ۽ اسلام جي دعوت کي نقصان (زڪ) پهچائڻ لاءِ هڪ ٽين مسجد، قبا جي علائقي طرف تعمير ڪئي، جنهن کي قرآن ”مسجد ضرار“ سڏيو آهي. اها مسجد سندن بداعماليءَ، عدم اخلاص ۽ بدنيتيءَ سبب وبال بڻجي وئي. هونءَ بہ هيءَ عمارت هئي، مسجد نہ هئي، ان ڪري ان کي مسمار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. هن کان اڳ حضور ﷺ جي هٿن مبارڪن سان تعمير ڪيل بہ مسجدون مسجد قبا ۽ مسجد النبي موجود هيون. هنن ٻنهي مسجدن ۾ مسلمان نماز ادا ڪندا هئا. قبا جي مسجد کي تقوىٰ جو گھر چيو ويو. منافقن جي هڪ ٽولي عيسائي راهب ابو عامر جي مشوري سان هن مسجد جو بنياد رکيو، سندس مقصد هيو تہ هم خيال منافق اتي گڏجاڻيون ڪن ۽ ابو عامر راهب جي مشورن تي مشورو ڪري متفق طور مسلمانن جي وڌندڙ طاقت کي روڪي سگھن. هن عمارت کي جيڪا بدنيتي ۽ اسلام دشمني جي خيال سان بنائي وئي هئي، ان کي ”مسجد“ جو نالو ڏئي مسلمانن ۾ اهو تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ هنن انهن مسلمانن جي لاءِ اها مسجد جوڙي آهي، جيڪي هن ٻن مسجدن کان فاصلي تي آهن ۽ ڪين پنج وقت باجماعت نماز ادا ڪرڻ لاءِ اتي پهچڻ ڏکيو آهي. انهن جي سهولت خاطر هي مسجد تعمير ڪئي آهي، حالانڪہ هنن جو اصل مقصد هم خيال منافقن کي ڪٺو ڪرڻ، مشورو ڪرڻ ۽ اسلام خلاف تحريڪ هلائڻ لاءِ هڪ مرڪز جوڙيو وڃي. هنن منافقن ان جو اسلامي رنگ ڏيڻ لاءِ نبي اڪرم ﷺ کي ان مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. جيڪو عرض في الحال قبول نہ ڪيو ويو ۽ پاڻ جنگ تبوڪ لاءِ روانا ٿيا. واپسيءَ تي رستي ۾ الله جون هي آيتون نازل ٿيون، جنهن ۾ مسجد ضرار کي ڊاهڻ جو حڪم مليو ۽ حضور ﷺ جي حڪم تي چند صحابين ان کي مٽيءَ جو ڍير ڪري ڇڏيو ۽ منافقن جي انهي دعوىٰ کي تہ هو الله جو قسم کڻي چون ٿا تہ هي مسجد چڱي نيت سان چڱائيءَ لاءِ ٺاهي وئي آهي، پر الله گواهي ڏئي ٿو تہ اهي ڪوڙ هڻن ٿا. هي مسجد، مسجدِ ضرار آهي، جنهن جو مقصد مسلمانن کي ضرر ۽

نقصان پهچائڻو آهي. منافقن پنهنجي مذموم منصوبي کي خوبصورت بنائڻ ۽ مسلمانن جي شڪ شبهي دور ڪرڻ لاءِ حضور اڪرم ﷺ کي ان مسجد جي افتتاح لاءِ نماز ادا ڪرڻ جو عرض ڪيو، جيڪو جنگ تبوڪ جي تيارين سبب ڪجهه وقت لاءِ موقوف ڪيو ويو، پر هنن آيتن جي نازل ٿيڻ سان الله طرفان ڪين هوشيار ڪيو ويو ته هن مسجد ضرار ۾ هرگز نماز ادا نه ڪريو. هي مسجد الله جي دين کي نقصان پهچائڻ لاءِ، بدنيتي ۽ پليد پروگرام لاءِ جوڙي وئي آهي، تنهنجو ان مسجد سان ڪو واسطو ناهي، هي مسجد نه، پر گمراهيءَ جو اڏو آهي. (الانعام: 159/6) پر اها مسجد جيڪا پهرين ڏينهن کان ئي تقوىٰ لاءِ تعمير ڪئي وئي آهي، اها تنهنجي قيام و سجود جي وڏيڪ مستحق آهي. انهيءَ مسجد سڳوري ۾ اهي شخص اچن ٿا، جيڪي پاڪيزگي ۽ طهارت کي پسند ڪن ٿا. الله به اهڙن پاڪزگي ڪندڙ مؤمنن کي پسند ڪري ٿو. هڪ اهڙي مسجد (يا عمارت) تعمير ٿئي، جنهن جو بنياد خدا جي تقوىٰ ۽ ان جي خوشنودگي حاصل ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي، يعني جنهن جي پيڙهه مضبوط بنيادن تي رکيل آهي، اها بهتر آهي، يا اهڙي مسجد، جيڪا هڪ کوکلي پڪ جنهن جي پاڙ ڪاڏل هجي ۽ ڪرڻ واري هجي ان جي ڪناري تي تعمير ڪئي وڃي. هڪ اهڙو لاجواب مثال آهي، جنهن جي ذريعي ٻن مسجدن جو فرق ظاهر ڪيو ويو آهي. مسجد قبا ته عين اسلامي مسجد هئي، جيڪا مسلمانن جي اصلاح، اجتماع ۽ عبادت لاءِ تعمير ڪئي وئي هئي. ٻئي طرف منافقن جي مسجد اهڙي کوکلي ڪرڻ واري پڪ جي ڪناري تي اڏيل آهي، جيڪا تعمير ٿيندي ئي ڪري تباهه ٿي ويندي. هت مؤمنن جي تقوىٰ، خدا ترسي، الله جي خوشنودي ۽ انسانن جي فلاح ۽ بهبود واري زندگي، جنهن جا نتيجا ڪاميابي ۽ ڪامراني هوندا، اها بهتر آهي، يا منافقن جي زندگي ڪفر، فساد، عناد، شرارتن ۽ سازشن جي بدترين صورت سني آهي. عقل سليم مؤمن جي زندگي کي توثيق ۽ ترجيح ڏيندا. الله به گمراهه ۽ ظالم ماڻهن کي پسند نٿو ڪري. هن جي پسند ۽ رضا ته اهي مؤمن آهن، جيڪي هن جي دين جا نگران ۽ پاسبان آهن.

مسجد ضرار، جنهن جو بنياد صرف شر، فساد ۽ تخريبڪاريءَ جي مرڪز طور رکيو ويو آهي ۽ ان جي تعمير ڪري ان کي مسلمانن ۽ اسلام جي خلاف منافقن جو هڪ مورچو بنايو ويو آهي، اها هنن کي تسڪين ۽ يقين ته ڏياري نه سگهندي. پر پوشيده ۽

ناديده نتيجن نڪرڻ بعد جي خوف ڪان هميشہ سندن دليون مضطرب، پريشان ۽ مايوسيءَ جو شڪار آهن، ڇو تہ هڪ بزدل، ڪوڙو، مڪار ۽ سازشي انسان تخريبڪاري ۽ نفاق جي پرچار لاءِ عمارت ٺاهي، مسلمانن کي ڌوڪو ڏيڻ لاءِ ان کي ”مسجد“ جو نالو ڏئي ۽ اللهٰ جي دين خلاف لڙڻ لاءِ خدا پرستي جو پرفريب لبادو ڍڪي تہ ان جي سيرت ۽ ڪردار کي نفاق جي اڏيهي اندران اندران کائي کوکلو ۽ پورو ڪري زمين بوس ڪندي آهي. هنن جي دلين ۾ هميشہ بي يقينيءَ جي اهڙي لهر اٿندي رهندي ۽ سندن دليون حق شناسيءَ ۾ مضطرب ۽ پورا پورا هونديون. اللهٰ تعالىٰ کي هنن جي انهن دلين جي پوشيده بيمارين ۽ بد منصوبن کان پوريءَ طرح ڄاڻ آهي ۽ سندس هر حڪم حڪمت ۽ دانائيءَ سان لبريز آهي.

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ
يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَ يُقْتَلُوْنَ ۫ وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ
وَ الْاِنْجِيْلِ وَ الْقُرْاٰنِ ؕ وَ مَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوْا بِبَيْعِكُمُ
الَّذِيْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ؕ وَ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١١﴾ اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ
الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ
وَ النَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ الْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾
مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَ لَوْ كَانُوْۤا اُولِيْ قُرْبٰى
مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١١٣﴾ وَ مَا كَانَ اسْتِغْفَارُ
اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗۤ اَنَّهٗ عَدُوٌّ
لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ؕ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿١١٤﴾

بيشڪ اللهٰ اهل ايمان ڪان سندن جان ۽ مال، جنت جي بدلي خريد ڪيا آهن. هو اللهٰ جي راهہ ۾ لڙائي لڙن ٿا، پوءِ هو قتل ڪن ٿا ۽ قتل ڪيا وڃن ٿا. هي اللهٰ جي

ذمي هڪ سچو وعدو آهي. توريت، انجيل ۽ قرآن ۾. ۽ الله کان وڌيڪ وعدو پورو ڪرڻ وارو ڪو بہ ناهي. سو اوهان ان سودي تي خوشيون ملهايو، جيڪو اوهان الله سان ڪيو آهي. يادرکو اها سڀ کان وڌيڪ ڪاميابي آهي.(111) اهي (الله سان سودو ڪرڻ وارا) توبه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، شڪر ڪندڙ، دنياوي لذتن کان پاسو ڪندڙ، روزيدار، رڪوع ۽ سجدا ڪندڙ، ڀلائيءَ جي تلقين ڪندڙ، برائي کان روڪيندڙ ۽ الله جي مقرر حدن جي حفاظت ڪندڙ آهن. اهي ئي سچا مؤمن آهن. (اي پيغمبر ﷺ) هنن مؤمنن کي خوشخبري ڏيو. (112) نبي ﷺ ۽ اهل ايمان کي نٿو سونهي تہ هو مشرڪن لاءِ مغفرت جي دعا ڪن. توڙي اهي هنن جا رشتيدار ئي ڇو نہ هجن. جڏهن هنن لاءِ واضح ٿي چڪو آهي تہ اهي دوزخي ماڻهو آهن.(113) ابراهيم عليه السلام تہ رڳو پنهنجي ان وعدي سبب مغفرت جي دعا گهري هئي، جيڪو هن پنهنجي والد سان ڪيو هو، پر جڏهن هن تي واضح ٿي ويو تہ هو خدا جو دشمن آهي تہ هو ان کان بي تعلق ٿي ويو. حقيقت اها آهي تہ ابراهيم عليه السلام تمام گهڻو نرم دل ۽ بردبار هو.(114)

گذريل آيتن ۾ منافقن جو ذڪر جنگي تبوڪ ۾ مناسب حالتن هوندي بہ شريڪ نہ ٿيڻ ۽ ڪجھ مؤمنن جي سستيءَ سبب جهاد في سبيل الله لاءِ نہ نڪرڻ جو ذڪر هيو. هاڻي جنگ ۾ شرڪت ڪندڙ جان نثار مجاهدن جي فضيلت، اعليٰ اوصاف ۽ ان جو خير وارو نتيجو بيان ڪيو ويو آهي. اسلام جي اصل حقيقت اها ڏيتي ليتي آهي، جنهن ۾ الله مؤمنن جي جان، مال، جنت جي مٽاسٽا ۾ خريد ڪئي آهي، تہ جيئن الله تي ايمان آڻڻ وارا حق جي انڪاري ڪافرن تي خدا جي عذاب جي تکي تيز تلوار بڻجي، انهن کي قتل ڪن. توڙي هو پاڻ ان ۾ شهيد ٿي وڃن. الله جو هي سودو بظاهر اڌار جو سودو آهي، مؤمن کان جان جو نذرانو هن دنيا ۾ ورتو وڃي ٿو ۽ ڪيس بدلي ۾ جنت ٻئي جهان ۾ ڏني ويندي. اڪثر ۽ بيشتر اهڙو سودو غير يقيني جا خدشا پيدا ڪري ٿو، پر الله جو هر وعدو پڪو پختو وعدو آهي، جيڪو توريت انجيل ۽ قرآن ۾ بارها دهرايو ويو آهي ۽ الله کان وڌيڪ

وعده وفائي ڪرڻ وارو ڪير بہ ناهي. ان ڪري هي دنيا وارن جي پاڻ ۾ نقد سودي ڪان بہ وڌيڪ معتبر ۽ يقيني آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي شڪ شبهي، خدشي يا خطري جو امڪان نہ آهي. هن نفعي واري خريد و فروخت جي مؤمنن کي خوشخبري ۽ مبارڪون ڏيو، جو الله پنهنجو احسان ڪري هي نفعدار بيعت ورتي آهي. ڪنهن کي خبر ناهي تہ جنت بہ الله جي آهي ۽ جان مال بہ الله جو هديو ۽ ملڪيت آهي. جڏهن ٻئي شيون الله جون آهن تہ هي ڪهڙو سودو آهي؟

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا

اها ڳالهہ سو في صد درست آهي، پر الله انسان کي جان عطا ڪري، ڪيس ارادي ۽ اختيار جي اجازت فرمائي آهي تہ هو ان کي الله جي عنايت ۽ امانت سمجهي، ان جي حڪمن موجب زندگي گذاري يا پنهنجا اختيار استعمال ڪندي، ان تي پنهنجا مالڪانا حق سمجهي، جيڪو وڻيس سو ڪري. هي انسان جي انهيءَ اختيار ۽ الله جي مشيت ۾ معاهدو آهي. مؤمن لاالٰه الا الله چئي، ان معاهدي جو پابند آهي، جنتي زندگيءَ جو وعدو بہ ان عهد جي مطابق آهي. (طٰه: 20/ 117 کان 119) پر ڪافر ايمان بالله جو انڪار ڪري، وعدي جي خلاف ورزي ۾ جان مال کي پنهنجي ملڪيت سمجهي ٿو. هن آيت سڄوريءَ ۾ مؤمنن جي شناخت ۽ ڪردار جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هو ”اَلتَّآئِبُوۡنَ“، توبہ ڪرڻ وارا آهن، يعني بار بار رجوع الي الله ڪرڻ وارا آهن. عارضي طور يا اتفاقًا ڪا غلطي سرزد ٿئي تہ ان جي ازالي لاءِ الله ڏانهن رجوع ڪن ٿا ۽ آهہ و نيزاري ڪري معافي طلب ڪن ٿا. شيطان جي گمراهين کان بچڻ لاءِ الله جي قانون طرف رجوع ڪندا آهن. ”اَلۡعَابِدُوۡنَ“ عبادت گذار آهن. ”وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ“ انسان جي تخليق ئي الله جي عبادت لاءِ آهي. ”اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ“ عبادت دراصل الله جي حڪم موجب اطاعت جو نالو آهي، جنهن ۾ الله سان ڪنهن کي شريڪ ناهي ڪرڻو ۽ هر قول فعل جو سرزد ٿيڻ ۽ سڀ ڪجهہ الله جي رضا ۾ هجڻ عبادت آهي. ”اَلۡحَامِدُوۡنَ“ خدا جي شڪر گذاري ۽ ان جي نعمتن ۽ احسانن جو صدق دل سان اظهار آهي. الله جون بيشمار نعمتون بلا محنت مزدوري بہ انسان لاءِ هر وقت هر هنڌ موجود آهن، جن جو شڪر نہ ڪرڻ نااهلي ۽ نالائقي

جي حد هوندي. ”لَئِنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ“ شڪر گزار لاءِ نعمتن ۾ اضافو اچي ٿو. ناشڪري انسان جي عبادت ۽ بندگيءَ جي اصل روح کان خالي هوندي آهي. هنن صفتن وارا مؤمن هميشہ انفس ۽ آفاق ۾ غور ڪندا رهن ٿا ۽ ڪين اتان بصيرت ۾ ڪائنات جي هر شيءِ خالق جي حمد و ثنا ۾ محو ۽ مشغول نظر اچي ٿي. (الفاتحه: 1/1، آل عمران: 17/3 کان 19، حٰم السجده: 53/41) ”اَلسَّآئِحُوۡنَ“ ان تمام سرگرمين، مشقتن ۽ رياضتن جي هڪ جامع تعبير آهي، جنهن سان انسان پنهنجي ظاهر ۽ باطن جي تربيت ۽ اصلاح، دين جي حقيقت سمجهڻ سمجهائڻ ان جي تعليم تبليغ لاءِ والهانا ۽ سرفروشانا طور اختيار ڪندو آهي ۽ جنهن جي تعميل ۾ پنهنجي زندگيءَ جون سموريون صلاحيتون، لذتون، راحتون، امنگون ۽ خوشيون بي دريغ قربان ڪري ٿو، جنهن ۾ صوم يعني روزي جو مفهوم بہ موجود آهي. ”اَلرّٰكِعُوۡنَ السّٰجِدُوۡنَ“ ۽ بارگاهہ ذوالجلال ۾ نماز جي صورت ۾ سربسجود ٿيڻ جو عاجزانه اظهار آهي. ”اَلصَّلٰوةُ مِعۡرَاجُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ“ نماز بانهي ۽ الله ۾ اهڙي رابطي جو نالو آهي، جنهن سان ڪمال انسانيت تي پهچي الله جي قربت ۽ رضا جو مظهر ٿئي ٿو. جنهن ۾ فرض نمازن کان علاوه خلوت جون نفلي نمازون بہ مراد آهن.

نبي اڪرم ﷺ کي جڏهن ڪو معاملو پيش ايندو هو تہ نماز جو اهتمام ڪندا هئا. نماز عبادت جو مجموعو ۽ روح آهي. ”اَلۡاٰمِرُوۡنَ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَالنَّاهُوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ“ اسلامي نظام ۽ معاشري جو لازمي جز آهي. هن کان اڳ بيان ٿيل اوصاف جو گهڻو تعلق انسان ذات جي اصلاح ۽ تربيت لاءِ آهي، پر هن صفت جو تعلق اجتماعي اصلاح سان آهي. خيرو شر ۾ ڀلائيءَ جي تبليغ ۽ برائيءَ جي روڪٿام آهي، جنهن کان سواءِ حلال حرام، جائز ناجائز، حق باطل، سچ ڪوڙ، عدل ۽ ظلم ۾ تميز پيدا نٿي ٿي سگهي ۽ انسانيت وحشت جو ويس پهري زمين تي فساد ۽ فتنا برپا ڪري ٿي. ”اَلۡحٰفِظُوۡنَ لِحُدُوۡدِ اللّٰهِ“ جنهن جو مجموعي مفهوم تقوىٰ آهي. ”فَاِنَّ لَهٗ نِهَايَةً فَانۡتَهُوۡا اِلٰى نِهَايَتِكُمۡ“ اوهان لاءِ حدود جو تعين ڪيو ويو آهي، ان ڪري الله انهن جي حدن کي اورانگهائڻ سان انسان پنهنجي لاءِ مشڪلاتون ۽ مصيبتون پيدا ڪري ٿو، زندگيءَ جي هر موڙ تي ڦوڪي ڦوڪي قدم کڻڻو آهي تہ جيئن خدا جي ڪنهن مقرر ڪيل حد کي لتاڙيو نہ وڃي. مؤمن خدا جي حدن ۽ سرحدن جو نگهبان آهي نہ هو پاڻ حدود پار ڪري ٿو ۽ نہ ٻئي ڪنهن کي حدون پار ڪرڻ

جي اجازت ڏئي ٿو، جن مؤمنن ۾ اهي جملہ صفات موجود آهن، انهن کي الله جي طرفان خوشگوار پاڪ صاف زندگي ۽ جنت جي دائمي راحتن جي بشارت مبارڪ ۽ خوشخبري ڏيو. هن ۾ مؤمن مرد ۽ عورتون ٻئي شامل آهن. (آل عمران: 195/3، النساء: 124/4، النحل: 97/16، الاحزاب: 35/33، المؤمن: 40/40)

الله جي نبي مڪرم ﷺ ۽ مؤمن لاءِ زيبا ناهي تہ هو مشرڪن لاءِ مغفرت جي دعا ڪن، توڙي اهي هنن جا قريبي رشيدار يا خوني رشتا هجن. ڪنهن جي لاءِ مغفرت ۽ بخشش لاءِ دعا گهرڻ جو مطلب آهي تہ ان ماڻهوءَ سان محبت آهي ۽ ان جي قصور کي قابل معافي سمجهي ٿو، پر مشرڪ الله جو علي الاعلان مخالف ۽ دشمن آهي ۽ الله جي دشمن سان دوستيءَ جو اظهار ۽ شرڪ جهڙي ناقابل معافي گناهہ لاءِ درخواست خدا جي ناراضپو طلب ڪرڻ آهي يا ائين سمجهو تہ مشرڪ رشتيدار جو رشتو الله جي رشتي کان وڌيڪ عزيز آهي، جيڪو مؤمن جي ايمان، اخلاص ۽ وفاداريءَ جي سراسر خلاف آهي. مشرڪ خدا جو باغي آهي، ان جي حمايت خدا خلاف بغاوت جي مترادف آهي. باقي انساني، معاشرتي، سماجي ۽ دنياوي تعلقات ممنوع ناهن، پر هر اها علامت جيڪا خدا جي بغاوت هجي، ان کان بچڻ مؤمن جو فرض آهي. جڏهن ڪنهن جي شرڪ جو پتو پوي ۽ پوءِ بہ مشرڪ لاءِ دعائون گهري تہ ان جو شمار جهنمي ماڻهن سان ٿيندو. حضرت ابراهيم عليه السلام جيڪا پنهنجي والد لاءِ مغفرت جي دعا گهري هئي، هي سندس ان وعدي جو اظهار هيو، جيڪو هن پنهنجي پيءُ لاءِ الله کان سندس حق ۾ مغفرت جي دعا ڪرڻ جو گهريو تہ جيئن سندس والد الله تعالىٰ تي ايمان آڻي پنهنجي حفاظت جو سامان حاصل ڪري. (ابراهيم: 41/14، مريم: 47/19، الممتحنه: 4/60) هو تہ الله تو کي معاف ڪري. منهنجو الله وڏو مهربان آهي، پر جڏهن والد کي هدايت ۽ نصيحت ڪرڻ بعد کيس يقين ٿي ويو تہ شرڪ جو مجسمو آهي ۽ توحيد کي قبول ڪرڻ تہ چاهي، پر الله سان غيرالله کي شريڪ ڪري ٿو تہ پوءِ هن ان دعا کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو ۽ الله کان پنهنجي معافيءَ جي درخواست ڪئي. معلوم هئڻ گهرجي تہ ابراهيم عليه السلام نهايت نرم دل ۽ بردبار انسان هو. اها دعا سندس نرمي ۽ شفقت جو اظهار هئي، پر والد جي رشتي کان الله جي رشتي کي وڌيڪ پيارو سمجهندي، ان کان بيزاري ڪئي ۽ خدا کان معافي گهري. هي هر مسلمان لاءِ خدا جو حڪم ۽ فرض آهي.

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًۢا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ
وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١١٦﴾ لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِیِّ
وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِیْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ
يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٧﴾ۙ
وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ
وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْۤا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَيْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ
ع ١٤ ٨ ٣ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١١٨﴾ؑ

الله جي اها سنت ۽ مشيت ناهي تہ ڪنهن قوم کي هدايت ڏيڻ بعد وري گمراهہ ڪري، جيستائين هو انهن کي اهي شيون واضح نہ ڪري، جن کان بچڻو آهي. بيشڪ الله هر شيءِ جو علم رکي ٿو. (115) الله ئي آهي، جنهن جي آسمانن ۽ زمين تي حڪمراني آهي. اهو زندگي بخشي ٿو ۽ اهو ئي موت ڏئي ٿو ۽ الله کانسواءِ نہ توهان جو ڪو حمايتي دوست آهي ۽ نہ ڪوئي مددگار آهي.(116) الله نبي ﷺ تي ۽ مهاجرن ۽ انصار تي جن ڏکئي وقت ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جي پيروي ڪري پورو ساٿ ڏنو، رحمت جي نظر ڪئي. ان صورتحال بعد جڏهن هڪ گروهہ جون دليون ڪجيءَ طرف مائل ٿيڻ واريون هيون، بيشڪ هن انهن (مؤمنن) تي شفقت ۽ رحمت جو اظهار ڪيو.(117) ۽ ساڳي طرح انهن ٽن (اصحاب ڪرام) تي بہ رحمت جي نظر ڪرڻ فرمائي، جن جو فيصلو مؤخر ڪيو ويو هو. ايتري قدر جو زمين پنهنجي وسعت باوجود هنن تي تنگ ٿي وئي ۽ هو خود پنهنجي پاڻ تي گهٽڻ محسوس ڪري رهيا هئا ۽ ڪين يقين هو تہ الله

**جي عذاب کان بچڻ لاءِ الله کانسواءِ ڪا بي جاءِ پناھ نہ آھي، پوءِ انھن تي الله تعالىٰ پنھنجي لطف و ڪرم جي نگاھ ڪئي تہ ھو بہ توبہ ۾ مشغول رھن. بيشڪ الله ئي توبہ قبول ڪرڻ وارو ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آھي.(118)**

جيستائين ماڻھن کي الله، آگاھ نہ ڪري تہ ھو ڪھڙن خيالن، سوچن ڪھڙن اعمالن ۽ ڪھڙي طور طريقن کان بچڻ جي ڪشش ڪن ۽ پوري رھنمائيءَ جي ذريعي ڪين ھدايت ۽ سڌي رستي تي ھلڻ ۽ خطرناڪ نتيجن کان بچڻ جي ڄاڻ نہ ڏئي ۽ ان رھبري ھوندي بہ ھو پنھنجي لاءِ پاڻ غلط ۽ گمراھيءَ جي راھ نتا اختيار ڪن تيستائين پنھنجي رحمت کان ڪين محروم نٿو ڪري. خدا جي ھن جامع قانون جو اجراءَ مشيت خداوندي مطابق انسان جي ان ھر عمل، سوچ ۽ ارادي تي ٿئي ٿو، جن حڪمن جو قرآن ۾ وضاحت سان ذڪر ڪيو ويو آھي. مثال طور مشرڪ لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ کان سختيءَ سان روڪيو ويو آھي، توڙي ڪٿي اھو مشرڪ ڪيترو ئي قريبي رشتيدار ڇو نہ ھجي. ڪافر ۽ مشرڪ ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، اولاد لاءِ بہ دعا جا ھٿ کڻڻ کان روڪيو ويو آھي. انحرافيءَ جي صورت ۾ سخت دردناڪ عذاب جي نويد آھي. الله ھر شيءِ جي ڪرڻ جي پوري قوت بہ رکي ٿو ۽ ڄاڻ وارو بہ آھي. مذڪور بالا حڪم تي مِنَ وَعَنَ عمل ڪرڻ جي تاڪيد ۾ ٻڌايو ٿو وڃي تہ جنھن خدا آڏو اوھان کي زندگي ڀر جو حساب ڏيڻو آھي، اھو وڏي قدرت ۽ طاقت جو مالڪ آھي. آسمانن ۽ زمين تي انھيءَ جي حڪمراني ھلي ٿي، حيات و موت يا ڪمال وزوال جو تسلسل بہ ان جي منشا مطابق روان دوان آھي. ظاھر باطن ڄاڻڻ وارو آھي. ان جي پاڪ ذات ۽ صفات ۾ شرڪ ۽ ڪفر ۽ نفاق جو ذرو بہ دل ۽ دماغ ۾ ھوندو تہ انديشو آھي تہ ڪنھن خطرناڪ خطري جو شڪار ٿي وڃو ۽ پوءِ اوھان لاءِ نہ ڪو حمايتي دوست ھوندو ۽ نہ مدد ڪرڻ وارو موجود ھوندو ۽ نافرمانيءَ جو نتيجو بي ڪسي ۽ بي بسي جي حالت ۾ اڪيلي جان کي ڀوڳڻو پوندو.

غزوہ تبوڪ دوران جيڪي ڇوٽيون موٽيون غلطيون اوھان کان ٿيون، اھي سڀ نبي اڪرم ﷺ جي نرم دلي، خيرسگالي ۽ چشم پوشيءَ سبب ھيون. منافقن جا ڪوڙا عذر ۽ مصنوعي بھانا ٻڌي حضور ﷺ جي شفقت ۽ رحم دلي ڪين جنگ تي نہ ھلڻ کان اجازت ڏيڻ فرمائي، جنھن جو ذڪر آيت نمبر 43 ۾ آيو آھي. يا سندس ساٿين مھاجرن ۽

انصار کان جن ڏکئي وقت ۾ آزمائش جي گهڙيءَ ۾ سندس حڪمن جي تابعداري ڪرڻ ۾
انهن کان ڪا لغزش يا ڪمي ڪوتائي ٿي وئي ته هنن جي اعليٰ خدمتن جي اعتراف ۾
الله پاران ڪين عام معافيءَ جو اعلان آيو. اهڙا مخلص ۽ وفادار صحابي سڳورا جن جون
دليون ايمان سان لبريز هيون ۽ دين حق سان محبت ۽ الله جي رسول ﷺ جا شيدائي ۽ جان
نثار ساٿي هئا ۽ پنهنجي غلطيءَ تي بي انتها ندامت ۽ شرمساري جو اظهار ڪيو ته الله به
سندن مؤاخذي کان بچڻ جي بشارت ڏني (سبحان الله) اهي ٽي صحابي سڳورا رضي الله عنهم جن
جو هن کان اڳ آيت نمبر 106 ۾ به ذڪر آيو آهي، جن جو معاملو مؤخر ڪيو ويو هو (التوبه
106/9) ۽ سندن معافي يا سزا جو اعلان نه ڪيو ويو هو، اهي ٽئي حضرات ڪعب بن مالڪ،
هلال بن اميه ۽ مراره بن ربيع رضي الله عنهم هئا، پورا پنجاهه ڏينهن زير عتاب رهيا. الله تعاليٰ
جي حڪم بعد پوري جماعت هنن کان قطع تعلقات ڪيو هو. ايتري قدر جو زال به پنهنجي
مڙس کان بيزار هئي. پيغمبر خدا به هنن کان رخ مبارڪ موڙي ڇڏيو هو. پوري زمين
پنهنجي ڪشادگي ۽ وسعت باوجود هنن تي تنگ ٿي پئي، ان جو غم هنن جي دلين تي
اهڙي قدر ته اثر انداز ٿيو، جو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ناراضگيءَ جي احساس سبب هو
پنهنجو پاڻ کان بيزار ٿي ويا. ايتري قدر جو نه هنن جي ظاهر ۾ قرار نظر ٿي آيو نه وري دل
۾ سڪون ۽ اطمينان هو. جنهن جي ڪري سندس دليون رت روئڻ لڳيون ۽ هن عتاب جي
شدت ڪين الله جي رحمت آڏو قريب آڻي ڇڏيو. ڪين معلوم هيو ته الله کانسواءِ ڪا به ٻي
جڳهه پناهه ۽ بچاءَ جي ناهي. فقط الله ئي آهي، جيڪو بخشي ۽ معاف ڪري سگهي ٿو.
هنن جي هن توبه ۽ ندامت بعد الله جي نظر ڪرم جي عنايت ٿي، معافي ملي ۽ تاڪيد
ٿيو ته هميشه الله طرف رجوع ٿيندا رهو، هو نهايت وڏو توبه قبول ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي
دائمي رحمت سان نوازڻ وارو آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ۞١١٩ مَا كَانَ لِاَهْلِ
الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَلَا يَرْغَبُوْا
بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَـُٔوْنَ مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا
اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ۙ﴿۱۲۰﴾ وَلَا
يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ
اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا
نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا
رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ ع ۱۵

اي مؤمنو! (چڱا ڪم ڪري) پاڻ کي الله جي گرفت کان بچڻ جو سامان ساڻ ڪٺو ۽ سچ گو ماڻهن جي صحبت ۾ رهو.(119) اهل مديـنہ ۽ قرب و جوار ۾ رهندڙ بدوي عرب ماڻهن لاءِ مناسب نہ هيو، جو هو رسول الله کي ڇڏي پنتي رهن ۽ نہ اهو زيبا آهي تہ پنهنجي جان کي هن جي جان کان وڌيڪ عزيز سمجهن. اهو ان ڪري آهي تہ الله جي راهہ ۾ جيڪا بک، اُڃ ۽ تڪاوٽ لاحق ٿئي ٿي ۽ پنهنجي موجودگي سان ڪافرن کي اذيت پهچائڻ لاءِ جو قدم بہ کڻن ٿا ۽ دشمنن جي مقابلي ۾ ڪا بہ ڪاميابي حاصل ڪن ٿا تہ انهن جي نامہ اعمال ۾ عمل صالح لکيو وڃي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ الله نيڪوڪارن جو اجر رائگان نٿو ڪري.(120) اهڙي طرح هو ٿورو يا گهڻو انفاق في سبيل الله (خرچ) ڪن ٿا ۽ ڪنهن واديءَ کي پار ڪن ٿا، اهو سڀ لکيو وڃي ٿو تہ جيئن الله هنن کي سندس عمل جو سٺي کان سٺو اجر عطا ڪري.(121) اهو ممڪن ناهي تہ سمورا مسلمان هڪ وقت گڏجي نڪرن، پر هر جماعت(قبيلي) مان ڪجهہ ماڻهو دين جو تفقه (خوب فهم بصيرت) حاصل ڪن تہ جيئن هو واپس وڃي پنهنجي قوم کي سندن روين کان آگاهہ ڪن ۽ ان جي نتيجن کان خبردار ڪن تہ جيئن اهي بہ غلط ڪمن ڪرڻ کان هوشيار ٿي وڃن. (122)

اي مؤمنو! الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. چڱا ڪم ڪري پاڻ کي الله تعاليٰ جي گرفت کان بچڻ جو سامان ساڻ ڪٺو ۽ سچار ماڻهن سان محبت رکو. الله جي تقويٰ اختيار ڪرڻ لاءِ لازمي آهي تہ چڱا ڪم ڪريو ۽ برن ڪمن کان پاڻ کي بچائي رکو، جنهن لاءِ توهان صادقين يعني سچار ماڻهن سان رابطو رکو. سورة الانعام ۾ آيو آهي: ”لَہٗۤ اَصۡحٰبٌ یَّدۡعُوۡنَہٗۤ اِلَی الۡہُدَی ائۡتِنَا“ (71/6) هن جا ساٿي هن کي سڌي رستي طرف سڏي رهيا آهن تہ اسان ڏانهن اچو. الله تعاليٰ جي اطاعت ڪريو. اهوئي جنت جو رستو آهي. (الفجر: 89/ 29-30) جيڪڏهن ماڻهوءَ جي نشست و برخواست ڪافرن، منافقن ۽ جاهلن سان هوندي تہ ڪمزور ذهن وارا تہ ڇڏيو، پر مضبوط ارادي وارا ماڻهو بہ گهٽو ڪري انهن جو اثر قبول ڪري وٺن ٿا، ڪمرو ۽ بڇي ڪاري سان تہ رنگ نہ مٽائي پر عادت ضرور بدلائي. اهڙي طرح راسخ الايمان ۽ راسخ العمل ماڻهن جي صحبت جي فيض سان ڪمزور ماڻهو بہ پنهنجن ڪمزورين تي غالب اچي سگهي ٿو.

صحبت صالح ترا صالح کند صحبت طالح ترا طالح کند

نيڪ جي صحبت نيڪ ۽ بد جي صحبت بد ڪري ٿي، ان ڪري حديث شريف ۾ بہ آيو آهي: سَلْ عَنِ الْجَارِ قَبْلَ الدَّارِ. گهر وٺڻ کان اڳ گهر جو نہ پر پاڙيسري جو ڪردار ضرور معلوم ڪر. فارسيءَ جي شاعر بہ چيو آهي:

کند هم جنس با هم جنس پرواز، کبوتر با کبوتر، باز با باز

هميشه هم جنس، هم جنس سان پرواز ڪندو آهي، ڪبوتر جو ڪبوتر سان ۽ باز جو باز سان جوڙ آهي.

جڏهن الله پنهنجي پياري حبيب خاتم النبيين ﷺ کي جنگ تبوڪ دوران سخت گرمي ۽ وڏي ڪنن سفر ڪرڻ لاءِ موڪلي رهيو آهي ۽ الله جو رسول خاتم النبيين ﷺ هر ڏک هر تڪليف کان بي پرواهہ ٿي، ان سفر لاءِ دل و جان سان وڃڻ لاءِ تيار آهي تہ پوءِ ڪنهن بہ ايمان جي دعويدار لاءِ زيبا نٿو ٿئي تہ هو پنهنجي جان ۽ مال کي پيغمبر جي جان کان بہ عزيز سمجهي. حديث شريف ۾ آهي: ”لَا یُؤۡمِنُ اَحَدُکُمۡ حَتّٰی اَکُوۡنَ اَحَبَّ اِلَیۡہِ مِنۡ وَّالِدِہٖ وَوَلَدِہٖ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِیۡنَ“ اهو ماڻهو مؤمن ٿي ناهي، جيستائين مان محمد ﷺ ان کي سندس والد

۽ مولود ڪان ۽ سيني ماڻهن ڪان زياده محبوب نہ آهيان. ان ڪري اهل مدينه ۽ ان جي گرد و نواح ۾ رهائش پذير بدوي ماڻهن لاءِ ڪنهن بہ صورت زيبا ناهي تہ هو رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ جي سڌ تي سڌ نہ ڏئي پنتي رهي پون ۽ پنهنجي جان کي نبي اڪرم ﷺ جي جان ڪان عزيز سمجهن. ”اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ“ (الاحزاب: 5/33) پيغمبر ﷺ تہ مؤمنن جي جان ڪان بہ وڌيڪ حق رکي ٿو. اهڙي طرح سندس حڪم ڪان سرتابي (منهن موڙڻ) جو ڪنهن کي اختيار نہ آهي. (النساءِ: 65/4، الاحزاب: 6/33) حالانڪہ مؤمنن کي يقين هئڻ گهرجي تہ ڪين الله جي راھ ۾ جيڪا اڃ بک ۽ ٿڪاوٽ ٿئي ٿي ۽ ڪافرن جي مقابلي لاءِ نڪرن ٿا ۽ انهن کي اذيت پهچائڻ لاءِ جيڪو بہ قدم کڻن ٿا ۽ دشمن کي شڪست ڏئي ڪاميابي حاصل ڪن ٿا تہ انهن جي ڪاتي عمل صالح لکيا وڃن ٿا ۽ الله اهڙن صفات جي حامل مؤمنن جا ڪارناما ضايع نٿو ڪري، پر ڪين هر عمل تي نيڪي عطا ڪري ٿو. هنن مؤمنن جي راھ حق ۾ ڪا بہ ڪوشش ۽ ڪاوش ۽ دين اسلام لاءِ هر جدوجهد ۽ اسلامي نظام ۽ جهاد في سبيل الله لاءِ ٿورو يا گهڻو خرچ ڪرڻ ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ واديون ۽ ميدان پار ڪرڻ ڏک ڏاکڙا ڏسڻ سڀ جا سڀ سندن اعمال نامي جي زينت بڻجن ٿا. ان ڪري جو الله مهربان سندن ڪارنامن جي بدلي ڪين خوب ڪان خوبتر اجر عطا ڪرڻ فرمائي ٿو. هن ڪان اڳ آيت نمبر 92 ۾ ”اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ...الخ“ ۾ آيو آهي تہ بدوي ماڻهن جي پوري طرح تعليم ۽ تربيت نہ هجڻ سبب هو اسلامي حڪمن ڪان پوري طرح آگاھ نہ آهن، ان ڪري هت ارشاد رباني آهي تہ ٻهراڙي جي اهل ايمان لاءِ ممڪن ناهي تہ هڪ وقت سمورا مدينه يا مڪي پهچي دين جي احڪام ڪان آگاهي وٺن، ان ڪري هنن کي گهرجي تہ هر قبيلي، هر جماعت مان ڪجھ ماڻهو شهر ڏانهن اچن ۽ دين ۾ تفقّہ في الدين يعني پوري طرح علمي بصيرت ۽ حڪمت ڪان آگاھ ٿي، واپس وڃي باقي ماڻهن کي انهن حڪمن ۽ هدايتن جي فضيلت ۽ اهميت ڪان روشناس ڪن، جن ۾ ”اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ“ يعني الله جل شانه ۽ ان جي رسول ﷺ جي اطاعت اختيار ڪري پنهنجي دنيا خوشگوار ۽ آخرت باغ و بهار ڪن ۽ ڪين برن عملن جي هولناڪ نتيجن ڪان بچڻ لاءِ هوشيار ڪن. اميد آهي تہ اهڙي طرح پوري قوم هوشيار ٿي ويندي ۽ دوزخ جي باھ ڪان پنهنجو پاڻ کي بچائي ويندي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَاتِلُوا الَّذِيۡنَ يَلُوۡنَكُمۡ مِّنَ الۡكُفَّارِ وَلۡيَجِدُوۡا فِيۡكُمۡ
غِلۡظَةً ؕ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا مَاۤ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ فَمِنۡهُمۡ مَّنۡ الربع
يَّقُوۡلُ اَيُّكُمۡ زَادَتۡهُ هٰذِهٖۤ اِيۡمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا فَزَادَتۡهُمۡ اِيۡمَانًا
وَّهُمۡ يَسۡتَبۡشِرُوۡنَ ﴿١٢٤﴾ وَاَمَّا الَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ فَزَادَتۡهُمۡ رِجۡسًا
اِلٰى رِجۡسِهِمۡ وَمَاتُوۡا وَهُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَلَا يَرَوۡنَ اَنَّهُمۡ يُفۡتَنُوۡنَ فِىۡ كُلِّ
عَامٍ مَّرَّةً اَوۡ مَرَّتَيۡنِ ثُمَّ لَا يَتُوۡبُوۡنَ وَلَا هُمۡ يَذَّكَّرُوۡنَ ﴿١٢٦﴾ وَاِذَا مَاۤ اُنۡزِلَتۡ سُوۡرَةٌ
نَّظَرَ بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ ؕ هَلۡ يَرٰٮكُمۡ مِّنۡ اَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوۡا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ
قُلُوۡبَهُمۡ بِاَنَّهُمۡ قَوۡمٌ لَّا يَفۡقَهُوۡنَ ﴿١٢٧﴾ لَقَدۡ جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ عَزِيۡزٌ
عَلَيۡهِ مَا عَنِتُّمۡ حَرِيۡصٌ عَلَيۡكُمۡ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقُلۡ
ع ١٦ حَسۡبِىَ اللّٰهُ ۖ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُ وَهُوَ رَبُّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ ﴿١٢٩﴾ ع

اي مؤمنو! ڏنل حڪمن جي تعميل ۾ اوهان پنهنجي آس پاس موجود ڪافرن سان ڀرپور قتال (جنگ) ڪريو ته جيئن هو توهان جي سختي ۽ طاقت محسوس ڪن. ياد رکو الله انهن جو ساٿي آهي، جيڪي هن جي قانون جي حفاظت لاءِ ڪفن ٻڌي سر آهن (123) ۽ جنهن وقت به الله طرفان ڪا آيت نازل ٿئي ٿي ته هنن منافقن سان ڪجهه (شرارتي) ماڻهو اوهان کان پڇن ٿا ته اهو ڪير آهي، جنهن جي ايمان ۾ اضافو آيو آهي. سو جن ايمان آندو آهي، انهن جي ايمان ۾ هن سورت سان واڌارو آيو آهي ۽ هو انهيءَ نعمت تي خوشيون ملهائن ٿا.(124) پر جن ماڻهن جي دلين ۾ (نفاق جي) بيماري آهي ته انهن جي اندر جي پليتي تي وڌيڪ پليتي جو اثر ٿئي ٿو ۽ هنن جو موت ڪفر جي حالت ۾ ٿئي ٿو. (125)

چا هو اهو نٿا ڏسن ته هر سال هڪ يا ٻه ڀيرا مصيبت ۾ مبتلا ڪيا وڃن ٿا پوءِ به هو الله ڏانهن مغفرت لاءِ رجوع نٿا ڪن ۽ نه وري ڪا نصيحت قبول ڪن ٿا. (126) ۽ جڏهن ڪا سورت نازل ڪئي وڃي ٿي ته هو (منافق) هڪ ٻئي ڏانهن ڏسن ٿا ته ڪو اوهان کي ڏسي ته ڪو نه ٿو. پوءِ پٺ ڏئي هليا وڃن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ الله به هنن جي دلين کي (حق کان) ڦيري ڇڏي ٿو. ڇو ته هي اها قوم آهي، جيڪا حقيقت سمجهڻ کان عاري آهي. (127) بيشڪ اوهان وٽ اوهان مان ئي هڪ عظيم عظمت وارو رسول ﷺ تشريف فرما ٿيو آهي. توهان جي تڪليف ۽ مشقت ڪيس گران گذري ٿي. هو اوهان جي ڀلائي ۽ فلاح جا آرزو مند آهن، مؤمنن لاءِ نهايت شفيق ۽ بي حد رحم ڪرڻ وارا آهن.(128) جيڪڏهن هو هن ابر رحمت جي بي انداز نوازشن جي باوجود روگرداني جي روش جاري رکن ٿا ته اي پيغمبر حق ﷺ کين چئو ته مون لاءِ منهنجو الله ڪافي آهي. ان ڪانسواءِ ڪو معبود ناهي، مون ان تي مڪمل ڀروسو ۽ توڪل ڪئي آهي ۽ اهو ئي عرش عظيم جو مالڪ آهي.(129)

اي اهل ايمان اوهان جي آس پاس جيڪي ڪافر آهن، انهن خلاف قتال (خونريزيون) ڪيو ته جيئن هنن کي توهان جي سختي ۽ شدت محسوس ٿئي. "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ" (الفتح: 29/48) الله جو رسول محمد ڪريم ﷺ ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي ڏاڍا سخت آهن. هت ڪفار مان مراد اُهي آهن، جن جو انڪارِ حق پوري طرح نمايان ٿي چڪو آهي ۽ نفاق جو پردو چاڪ ٿي چڪو آهي، هاڻي هو لڪل ڇپيل منافق نه آهن، پر ظاهر ظهور ڪافر ٿي ويا آهن. نسلي، نسبي، سماجي ۽ معاشي تعلقات جي ڪري يا دوستي رشتيداري ۽ ڪاروبار جو لحاظ رکي، اڄ تائين توهان هنن سان نرمي ۽ مرنج مرنجان واري پاليسي اختيار ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو اوهان جي سوسائٽيءَ ۾ گڏمڏ ٿي، نقصان پهچائي رهيا آهن. هاڻي اوهان پنهنجي پراڻي صلح ڪل واري پاليسي بدلي هنن سان قتال يعني خونريز جنگ ڪريو ته جيئن هو اوهان

جي سخت رويي جي تپش محسوس ڪن ۽ اوهان جي سخت شدت واري رجحان کان خوف محسوس ڪن ۽ ڪلم ڪلا بي ڊپا ٿي اسلام ۽ مسلمانن خلاف تخريبڪاري کان رڪجي وڃن. اوهان هنن کان ڪو خوف نہ ڪريو ۽ نہ وري ڪنهن مصلحت جا شڪار ٿيو ڇو تہ الله انهن سان محبت ڪري ٿو، جيڪي دين حق جي بچاءَ جي جنگ اخلاقي ۽ ديني دائري اندر لڙي رهيا آهن. ”اِنَّ الَّذِيۡنَ قَالُوۡا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسۡتَقَامُوۡا تَتَنَزَّلُ عَلَيۡهِمُ الۡمَلٰٓـئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوۡا وَلَا تَحۡزَنُوۡا وَاَبۡشِرُوۡا بِالۡجَنَّةِ الَّتِىۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ“ (حٰم السجده: 30/41) اهڙيءَ طرح سوره آل عمران: 3/ 139 ۾ آهي: ”وَلَا تَهِنُوۡا وَلَا تَحۡزَنُوۡا وَاَنۡتُمُ الۡاَعۡلَوۡنَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ“ الله تعالىٰ مؤمنن جي يقيني ڪاميابي، سرفرازي، بشارت، ڪنهن خوف ۽ حزن کان محفوظ زندگي جو وعدو ڪيو آهي، بشرطيڪ هو پنهنجي ايمان ۾ سچا ۽ پڪا پختا آهن. جيڪڏهن اوهان تقوىٰ جو دامن ڇڏي خدا جي دشمني گلي لڳائي رکي تہ هنن جا حوصلا پروان چڙهندا ۽ جڏهن ڪا آيت نازل ٿئي ٿي تہ اوهان تي چٿرون ڪري تحقير ۽ توهين جي لهجي ۾ چوندا تہ هن سورت جي ڪري اوهان مان ڪنهن جي ايمان ۾ اضافو آيو آهي. اوهان تہ اهڙي جا اهڙا نظر اچو ٿا، پر ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ هن سان مؤمنن جي ايمان ۾ زيادتي ٿي آهي ۽ هو انهي ايماني ڪيفيت جي ڪري خوشيون ملهائي رهيا آهن. پر جن ماڻهن جي دل ۾ ڪفر ۽ نفاق جا ديرا لڳل آهن. حق ۾ باطل ۾ تميز ڪرڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي چڪا آهن ۽ پنهنجي انا ۽ خود سري جي نشي ۾ مدهوش آهن، انهن جي اندر موجود پليدي آهي، ان پليدي ۾ اضافو ٿئي ٿو (التوبه: 95/9) ۽ هنن جو موت هڪ ڪٽر ڪافر جي صورت ۾ ٿئي ٿو. هنن کي مؤمنن جي ايماني تجلي نظر نٿي اچي.

ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن جي هر آيت مؤمن جي ايمان لاءِ مسابقت (اڳتي وڌڻ جو جذبو) ماحول پيدا ڪري ٿي. جڏهن هو ايمان جو هڪ ميدان طئي ڪن ٿا تہ انهن جي قوت ايماني ٻيو ميدان پار ڪري ٿي، جنهن سان هنن ۾ عزم ۽ حوصلو پيدا ٿئي ٿو، جو هو درجي بدجي ارتقاءَ جون منزلون طئي ڪندي، ايمان ڪامل جي منزل تي پهچي وڃن ٿا، پر ان جي برعڪس منافق هڪ محروميءَ بعد ٻي محرومي، ٽين ۽ چوٿين محرومي يعني محرومين تي محرومين جي اضافي سان هڪ پسپائي کان ٻئي پسپائيءَ جو شڪار ٿيندي ايمان ۽ عمل جي آخري حد کان خالي ٿي وڃي ٿو. ڇا هو ان حقيقت کان ناواقف آهي تہ هو

هر سال هڪ يا ٻه ڀيرا فتني جو ڪاچ ٻڌجن ٿا. ڪو اهڙو سال نه آهي، جنهن ۾ هو ڪنهن نه ڪنهن وبال يا مصيبت ۾ ٻه ٽي ڀيرا نه آيا هجن ۽ هنن جي ايمان جي دعوىٰ آزمائش جي ڪسوٽيءَ تي نه پرکي وئي هجي. هنن جي خواهشن ۽ آرزوئن تي بندش لڳل هجي، يا جنگ جي صورت ۾ جان ۽ مال ڏيڻ جي طلب تي نڪري نروار نه ٿيا هجن. يا ڪو اهڙو مطالبو سامهون اچي ۽ هنن جي ذاتي مفادن کي ضرب لڳي. مطلب ته ڪنهن نه ڪنهن آزمائش کان هنن کي هر سال گذرڻو ئي پوي. (التوبه: 14/9) جڏهن هو انهن يادون ڪرائيندڙ واقعن تي توجه نٿا ڏين ۽ براين کان باز اچي توبه جي تسبيح نٿا پڙهن ۽ ان مان نصيحت ۽ اصلاح جو سبق حاصل نٿا ڪن ته پوءِ سندن اندر جي ذهني ڪيفيت ۾ گندگي جا ڍير لڳي وڃن ٿا. (التوبه: 95/9) هنن منافقن جي اندر جي ڪهاڻي اها آهي ته جڏهن ڪا سورت سڳوري نازل ٿيندي ۽ نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ ماڻهن جي ميڙ کي ان جي تلاوت ڪرڻ فرمائيندا هئا ته ان محفل ۾ موجود اهل ايمان همه تن گوش ٿي ان کي ٻڌندا هئا ۽ ان ۾ مستغرق ٿي ويندا هئا، پر منافق جيڪي دلِ ناخواسته اجتماع ۾ ان ڪري آيا هئا ته پنهنجي منافقت تي پردو وجهي سگهن ۽ مسلمانن کي محسوس ٿئي ته هي به هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ آيا آهن، مگر حقيقت حال ان جي ابتڙ هئي. مجبوري سبب آيا هئا ۽ محفل ۾ هنن جي حاضري نمائش لاءِ هئي، ان ڪري عدم دلچسپي سبب اوٻاسيون ڏيندا رهندا هئا ۽ هميشه اهو فڪر هو ته ڪيئن ڀڄي نڪرن. ان دوران هو هڪ ٻئي کان اشاري ۾ پڇندا هئا ته ڪو مسلمان هنن کي ڏسي ته نه رهيو آهي ۽ وجهه وٺي نڪري وڃن ٿا. ان ڪري الله به هنن جي دلين کي حق شناسي کان قانون مشيت موجب ڦيرائي ڇڏي ٿو. ڇو ته هي اهي ماڻهو آهن، جيڪي بري ڀلي، سچ ڪوڙ کي سمجهڻ جي صلاحيت کان محروم آهن.

بيشڪ توهان ڏانهن توهان منجهان ئي هڪ وڏي عظمت ۽ شان وارو رسول آيو آهي، جنهن جي بعثت تمام خلق جي عام ڀلائيءَ سان گڏ خاص طرح اهل عرب لاءِ خداوند ڪريم جو وڏو احسان آهي، جيڪو اوهان جي تڪليف ۽ مشقت وقت سخت رنجيده ٿئي ٿو ۽ ان تي اهڙو منظر سخت ڀاري لڳي ٿو. اي انسان! هي رحمت جو بادل اوهان جي ڀلائي، خوشحالي ۽ هدايت ۾ اصلاح جو شدت سان آروزو مند آهي ۽ مؤمنن لاءِ نهايت شفيق ۽ رحم ڪندڙ آهي. پر افسوس جو مقام آهي ته منافقن ڀاران هن نعمت عظمىٰ جي قدر ڪرڻ

بدران پاڻ لاءِ هڪ مصيبت سمجهي رهيا آهن.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہین کا جہاں اور

الفاظ و معانی میں تفاوت نہیں لیکن
مؤمن کی اذاں اور ہے منافق کی اذان اور (اقبال)

جيڪڏهن هن روشنيءَ جي هوندي هو ان ڪان منهن موڙي، انديرن ۾ ڏڪا ڪائيندا ته هو پاڻ کي ئي ڇيهو پهچائيندا، تنهنجو ڪجهه به بگاڙي نه سگهندا. ان ڪري ڪين علي الاعلان چؤ ته منهنجو الله جل شانه ته منهنجي مدد ۽ حمايت لاءِ ڪافي آهي. مون کي اوهان جي ڪنهن به مدد جي ضرورت ناهي. اهو منهنجو الله يڪتا اڪيلو، احد واحد وحده لاشريڪ له آهي، مان ان تي مڪمل ڀروسو ڪريان ٿو. هن جي حڪمرانيءَ ۾ رڳو هيءَ ظاهري ڪائنات ناهي، پر عرش عظيم تي به هن جي بادشاهي ۽ حڪمراني آهي.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق (اقبال)

الحمد لله! قد تم شرح البيان في فهم القرآن السورة التوبة يوم الجمعة، اول شهر يوليو سنة 2022ع

اللهم ربنا تقبل منا واجعله شفاءا و هداية لنا وللناس بحق لا اله الا الله محمد رسول الله
مشكورا مشكورا ربنا

غلام حسين مشتاق سچاروي
گلاسڪو – يوڪي